قرآني بيان

# شهادتِ عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

5، جون، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 18 ذوالحج، 1447ھ)

**جمعة المبارڪ جو**



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
5، جون، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 18 ذوالحج، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# شھادتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ...شھادتِ عثمانِ غني هڪ راز آهي
- ...اي ملائڪو هي مون سان ملڻ چاهين ٿا
- ...اُمَّت جي ناڪامي جو هڪ سبب
- ...تدفين ۾ ملائڪن جو هجوم

پيشڪش

اَلْمَدِیْنَةُ الْعِلْمِیَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ یَوْمَ الْجُمُعَةِ مِائَتَیْ صَلَاةٍ غُفِرَ لَهٗ ذَنْبُ مِائَتَیْ عَامٍ

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَ اٰلِهٖ وَ سَلَّم: جنهن مون تي جمعي جي ڏينهن 2 سئو ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، ان جا 2 سئو سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا [1]

| | |
|---|---|
| بروزِ جُمعہ پڑھے جو درود اور صَلَوات | نہ ہووے کیونکر اُسے نارِ دوزخی سے نجات |
| گر آرزوئے قبولِ دعا ہو اے لوگو! | بروزِ جمعہ پڑھو تم درود ہر اوقات[2] |

وضاحت: جيڪو جمعي جي ڏينهن پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درود و سلام پڙهندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ضرور دوزخ جي باهه کان

[1]...القول البديع، الباب الخامس، الصلاۃ علیہ فی یوم الجمعۃ ولیلتها، صفحہ:196۔

[2]...کافی کی نعت، صفحہ:41 ملتقطًا۔

نجات ماڻي وٺندو، اي انسانو! جيڪڏهن دعائون قبول ڪرائڻ چاهيو ٿا ته جمعي جي ڏينهن ڪثرت سان درود شريف پڙهندا ڪريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰہُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰی فِی الْقُرْآنِ الْکَرِیْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

مِنَ الْمُؤْمِنِیْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَیْهِ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰی نَحْبَهٗ

وَ مِنْهُمْ مَّنْ یَّنْتَظِرُ ۖ وَ مَا بَدَّلُوْا تَبْدِیْلًا ﴿۲۳﴾

(سيپارو: 21، الاحزاب: 23)

صَدَقَ اللّٰہُ الْعَظِیْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُہُ النَّبِیُّ الْکَرِیْم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: مسلمانن ۾ ڪجهه اهڙا مرد آهن جن هن عهد کي سچو ڪري ڏيکاريو جيڪو انهن الله سان ڪيو هو سو انهن مان ڪو پنهنجي باس پوري ڪري چڪو ۽ ڪو اجان انتظار ڪري رهيو آهي ۽ اهي بلڪل نه بدليا.

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ صحابيءِ رسول آهن ◈ مسلمانن جا ٽيان خليفا آهن ◈ سابِقينِ اَولين (يعني اعلانِ نبوت کان پوءِ جلد ئي ايمان قبول ڪندڙن) مان آهن ◈ اسلام قبول ڪرڻ ۾ سندن چوٿون يا پنجون نمبر آهي ◈ عَشره مُبشره (يعني زبانِ مصطفيٰ مان خاص طور جنت جي خوشخبري ماڻيندڙ 10 صحابين) مان آهن ◈ پياري

نبيءِ رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پنهنجون 2 شهزاديون هڪبئي پٺيان سندن نڪاح ۾ ڏنيون ◈ هي اهو شرف آهي، جيڪو هن دنيا ۾ پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن به نبيءَ جي امتيءَ کي نصيب نہ ٿيو، تنهنڪري ئي کين "ذُوالنُّورين" (يعني 2 نورن وارو صحابي) چيو ويندو آهي.[1]

نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا | ہو مُبارک تُم کو ذُو النُّورَین جوڑا نُور کا(2)

◈ مولاءِ ڪائنات، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بابت سوال ٿيو تہ فرمايائون: عثمان اهي آهن جن کي ملائڪ ذوالنورين چوندا آهن، رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا نِياٽا آهن، پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کين جنت جي بشارت ڏني.[3]

نبی کے نور دو لے کر وہ ذُوالنُّورَین کہلائے
انہیں حاصِل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رحمانی(4)

اسلام جي ٻئين خليفي، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت کان پوءِ مسلمانن جي اڪثريت جي راءِ سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ خليفا مقرر ٿيا، 12 سالن تائين پاڻ خليفا رهيا، 18 ذوالحج 35 سن هجريءَ

[1]...نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544، خلاصۃً۔
[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:246۔
[3]...معرفۃ الصحابہ، رقم:3، معرفۃ عثمان بن عفان، معرفۃ انہ کام ...الخ، جلد:1، صفحہ:83، حدیث:240۔
[4]...وسائل بخشش، صفحہ:584۔

۾ ڪيترن ڏينهن تائين بکايل ۽ اڃايل رهي نهايت مظلوميت سان شهيد ڪيا ويا.[1]

## شهادتِ عثمانِ غني هڪ راز آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت تاريخِ اسلام جو هڪ اهم ترين ۽ تمام گهڻو افسوسناڪ سانحو آهي ◈ هي اصل ۾ قدرت جو هڪ راز هو، ائين ٿيڻو هو ۽ ٿي گذريو ◈ پهرين آسماني ڪتابن ۾ به ان جو ذڪر موجود هو ۽ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم به ڪيترا ئي ڀيرا ان باري ۾ غيب جي خبر ارشاد فرمائي هئي ◈ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت اسلام جي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو، جڏهن مسلمانن جو اتحاد ٽٽو ◈ هڪ غير مسلم هو، هي ان جي سازش هئي، انهيءَ سازش جي نتيجي ۾ مصر جي ڪجهه ماڻهن بغاوت ڪئي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي گهر مبارڪ جو گهيرو ڪيو ۽ پاڻ 40 ڏينهن اتي قيد رهڻ کان پوءِ مظلوميت سان شهيد ٿيا، سندن هن شهادت ۾ اسان لاءِ به سکڻ جا ڪيترائي سبق آهن، اسان شروعات ۾ سيپارو: 21، سورةُ الاحزاب جي 23 هين آيت پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيت ڪريمه ۾ به سندن شهادت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اچو ته پهرين هن آيت ڪريمه کي سمجهون، پوءِ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت جو واقعو ۽ ان مان ملندڙ سبق سکنداسين.

---

[1]...نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544و 545خلاصۃً۔

## آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

الله پاڪ ارشاد فرمايو:

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا

ترجمو ڪنزُ العرفان: مسلمانن ۾ ڪجھ اهڙا مرد آهن جن سچو ڪري ڏيکاريو. (سيپارو: 21، الاحزاب: 23)

ڇا سچو ڪري ڏيکاريو؟

مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: هن عهد کي جيڪو انهن الله سان ڪيو هو.
(سيپارو: 21، الاحزاب: 23)

تفسير جا عالم فرمائين ٿا: ◈ حضرت عثمانِ غني ◈ حضرت طلحه ◈ حضرت سعد بن زيد ◈ حضرت اميرِ حمزه ◈ حضرت مصعب ۽ ڪجھ ٻين صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَانْ پنهنجي پاڻ تي اهو عهد ڪيو هو ته اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هميشه ثابت قدم رهنداسين، تان جو شهيد ڪيا وڃون. جيئن ته اهي پنهنجي ان واعدي تي آخري دم تائين قائم رهيا، [1] الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ

ترجمو ڪنزُ العرفان: سو انهن مان ڪو پنهنجي باس پوري ڪري چڪو.
(سيپارو: 21، الاحزاب: 23)

[1]…تفسير روح البيان، پاره:21، سورۂ احزاب، زير آيت:23، جلد:7، صفحه:160۔

يعني حضرت اميرِ حمزه ۽ حضرت مصعب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم اهي آهن، جيڪي شهادت جو رتبو ماڻي پنهنجي ان منت کي پورو ڪري چڪا آهن ۽

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ۖ وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ﴿٢٣﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ڪو اجان انتظار ڪري رهيو آهي ۽ اهي بلڪل نہ بدليا. (سيپارو: 21، الاحزاب: 23)

حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ حضرت طلحہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اهي آهن، جيڪي هن شهادت جع رتبي جي انتظار ۾ آهن ۽ هي سڀ صحابي اهي آهن، جيڪي پنهنجي واعدي تان بلڪل بہ نہ هٽيا.[1]

## شهادتِ عثمان بابت غيب جون خبرون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت ڪريمہ ۾ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو هي شان بيان ٿيو تہ پاڻ شدت سان پنهنجي شهادت جو انتظار ڪري رهيا هئا.

روايتن ۾ اچي ٿو: هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم هي چارئي حضراتِ عالي وقار، احد جبل تي هئا، اوچتو احد جبل لڏڻ لڳو.

(عاشق چوندا آهن، احد جبل چو جو حضور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪندو آهي، ان ڪري احد خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳو) ان تي ٻنهي

[1]... تفسير روح البيان، پاره:21، سورۃ احزاب، زير آيت:23، جلد:7، صفحہ:161۔

جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي احدا! رڪجي وڃ...!! توتي هڪ نبي، هڪ صديق ۽ 2 شهيد آهن. هي ٻڌڻ ئي هو تہ احد جبل فوراً رڪجي ويو.[1]

ايک ٹھوکر ميں اُحد کا زلزلہ جاتا رہا | رکھتی ہيں کتنا وقار اللّٰہُ اکبر اَيڑياں[(2)]

سُبۡحٰنَ الله! مالڪ ۽ مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا اختيارات ڏسو تہ جبلن تي حڪم جاري آهي ۽ علمِ غيب جو شان بہ ڏسو تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ ۽ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ اجا زنده آهن، دنياوي حيات سان گڏ حضور سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ موجود آهن، ڪيترن سالن کان پوءِ وڃي شهيد ٿيٺو هئائون پر غيب ڄاڻيندڙ نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پهريان ئي معلوم هو تہ عمر فاروق رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ بہ شهيد ٿيندا ۽ عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ بہ شهيد ٿيندا.

صحابيءِ رسول حضرت ابوموسيٰ اشعري رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم سان گڏ مديني جي باغن مان هڪ باغ ۾ هئس، هڪ شخص آيو، ان دروازو کڙڪايو، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: اِفۡتَحۡ لَهٗ وَ بَشِّرۡهُ بِالۡجَنَّةِ ان لاءِ دروازو کول ۽ کيس جنت جي بشارت ڏيو. فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ اهي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ هئا، مون کين جنت جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي. انهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. ڪجهه دير کان پوءِ ٻيهر

---

[1]... بُخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی صَلَّی اللہُ علیہ وَآلہٖ وَسَلَّم، صفحہ:932، حدیث:3675۔
[2]...حدائقِ بخشش،صفحہ:87۔

دروازو کڙڪيو، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ٻيهر فرمايو: اِفْتَحْ لَهٗ وَ بَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ دروازو کول ۽ ان کي (يعني ايندڙ کي) جنت جي خوشخبري ٻڌاءِ!). حضرت ابوموسيٰ اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو، اهي ايندڙ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا، مون کين بہ جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن بہ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو (۽ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ويا). ڪجهہ دير کان پوءِ ٽيون ڀيرو دروازو کڙڪيو، هن ڀيري غيب جون ڳالهيون ڄاڻيندڙ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: اِفْتَحْ لَهٗ وَ بَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ عَلٰى بَلْوٰى تُصِيْبُهٗ يعني دروازو کول ۽ ايندڙ کي ٻڌائي ڇڏ تہ هڪ مصيبت جيڪا کين پهچندي، ان کان پوءِ هي جنتي آهن.

حضرت ابوموسيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ سامهون حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا، مون کين جنت جي خوشخبري ٻڌائي ۽ هي بہ ٻڌايو تہ جلد ئي کين هڪ امتحان پيش ايندو، حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جنت جي خوشخبري ملڻ تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ چيو: اَللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ الله مددگار آهي (يعني مون کي جيڪا مصيبت پهچندي، الله پاڪ جي مدد سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مان ان ۾ ڪامياب ٿي ويندس)[1]

هن حديثِ پاڪ ۾ بہ ڏسو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏني ۽ ٻڌايو تہ عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ امتحان مان گذرندا، پوءِ ان امتحان ۾ ڪامياب بہ ٿيندا ۽ ان کان پوءِ جنت ۾ پهچي ويندا.

[1]... بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر بن الخطاب رَضِیَ اللہُ عنہ ، صفحہ:936، حدیث:3693۔

سبحان الله! هي آهي منهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو علمِ غيب...!! ان ڪري ئي تہ اسان چئون ٿا:

جو ہو چکا ہے جو ہو گا حُضُور جانتے ہیں | تیری عَطا سے خُدایا حُضُور جانتے ہیں
وہی ہیں پیکرِ شَرم و حَیا و ذُو النُّورَیْن | مقام اُن کی حَیا کا حُضُور جانتے ہیں

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 2 حديثون اسان ٻڌيون، انهن ٻنهي حديثن ۾ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي شهادت جي خوشخبري ٻڌائي وئي، هي ٻڌايو ويو تہ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي طبعي موت نہ ايندو پر پاڻ دين جي خدمت ڪندي، شهادت جو رتبو ماڻيندا. **فقيہِ ملت مفتي جلال الدين امجدي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا**: حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ چڱي طرح ڄاڻندا هئا تہ نديءَ جو وهندڙ پاڻي رڪجي سگهي ٿو، جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي سگهي ٿو پر الله پاڪ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان ڪڏهن بہ ٽري نٿو سگهي، ان ڪري حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي پورو يقين هو تہ حضور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي ڇڏيو آهي تہ هاڻي لازمي مون کي شهادت جو رتبو ملي رهندو، ان ڪري پاڻ سڄي زندگي شدت سان پنهنجي شهادت جو انتظار ڪندا رهيا.[1]

## الله پاڪ سان ملاقات جو شوق رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اسان لاءِ سبق آهي تہ جنهن طرح حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ الله پاڪ جي حضور حاضريءَ لاءِ بيتاب رهيا آهن، اسان

[1]... خطباتِ محرم، صفحہ:154۔

ڪي بہ پنهنجي ربِ ڪريم جي ملاقات ڪي محبوب رکڻ گهرجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ لِقَاءَ اللهِ اَحَبَّ اللهُ لِقَائَہٗ جيڪو الله پاڪ سان ملاقات جو شوق رکي ٿو، الله پاڪ ان سان ملاقات کي پسند فرمائي ٿو.[1]

مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَۃُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ ۾ الله پاڪ جي ملاقات مان مراد موت آهي ڇو تہ موت ئي الله پاڪ سان ملاقات جو ذريعو آهي پر الله پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪرڻ جو هي مطلب ناهي تہ ٻانهو موت جي آرزو ڪري، مرڻ جون دعائون ڪري، اهو تہ منع آهي، الله پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ ٻانهو دنيا ۾ دل نہ لڳائي، آخرت جي تياري ڪري، هر وقت الله پاڪ جي رضا وارن ڪمن ۾ مصروف هجي، اهڙي ٻانهي کي الله پاڪ پسند فرمائي ٿو، ان جي زندگي بہ الله پاڪ کي پياري آهي ۽ ان جو موت بہ الله پاڪ کي پيارو آهي.[2]

## اي ملائڪو! هي مون سان ملڻ چاهين ٿا

حضرت ابراهيم بن شَيبان رَحمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن قيامت جو ڏينهن هوندو، سڀ اڳيان پويان ربِ قادر و قيوم جي حضور حاضر هوندا، ان وقت ملائڪ مسلمانن جي هڪ گروهہ وٽ ايندا، ارشاد فرمائيندا: اي الله پاڪ جا دوستو! اسان سان گڏ هلو اهي اولياء الله پڇندا: ڪٿي وڃڻو آهي؟ ملائڪ فرمائيندا: ان جنت ڏانهن جنهن جي ويڪر زمين ۽ آسمان جي برابر آهي، توهان لاءِ ٺاهي وئي آهي. اهي اولياءُ الله عرض ڪندا: اسان زندگي جنت

---

[1]... بُخاری، کتاب الرقاق، باب من احب لقاء اللہ...الخ، صفحہ:1598، حدیث:6507۔

[2]...مرآۃ المناجیح، جلد:2، صفحہ:437بتغیر قلیل۔

جي طلب ۾ تہ ناهي گذاري، جڏهن اهي ائين چوندا تہ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائيندو: مَلَائِكَتِيْ اي منهنجا ملائڪو! اُتْرُكُوْهُمْ انهن کي ڇڏي ڏيو...!! فَاِنَّهُمْ لَا يَرْضِيْهِمْ غَيْرَ النَّظْرِ اِلٰى وَجْهِي بيشڪ هي منهنجي ديدار کانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ کان راضي نہ ٿيندا.[1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي انهن ماڻهن جو شان جن زندگي گذاري تہ اللّٰه پاڪ سان ملاقات لاءِ تڙپندي گذاري، ربِ رحمان جي محبت ۾ زندگي گذاري، ان جي ديدار جو شوق رکي نيڪيون ڪندا رهيا. اللّٰه پاڪ اسان کي بہ انهن مان بڻائي! ڪاش! اسان کي آخرت جو فڪر، اللّٰه پاڪ سان ملاقات ۽ ان جي ديدار جو شوق نصيب ٿي وڃي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضريءَ لاءِ تيار رهو!

هڪ ڀيري سيدي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ سوال ٿيو: (مومن جو شان هي آهي تہ) موت لاءِ خوشيءَ سان تيار رهي، جيڪو گنهگار آهي اهو آخر ڪيئن خوشيءَ سان موت لاءِ تيار رهي سگهي ٿو (ڪيس تہ خوف رهندو تہ شال! ڪٿي موت نہ اچي وڃي، ڪٿي گناهن تي منهنجي پڪڙ نہ ٿي وڃي)؟

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جو تمام پيارو جواب ڏنو، فرمايائون: ان ٻانهي کي گهرجي تہ گناهہ ڇڏي، توبہ ڪري ۽ خوشيءَ سان موت لاءِ تيار رهي.[2]

---

[1]... علمُ القلوب، باب حكم النية فى الاعمال، الاية الاولیٰ، صفحہ:166۔

[2]...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:379۔

## اُمت جي ناڪاميءَ جو هڪ سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي هي ڪرڻ گهرجي، گناهه ڇڏيون، سچي پڪي توبہ ڪريون، نيڪ ڪم ڪريون، پوءِ اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ لاءِ هر وقت خوشيءَ سان تيار رهون.

هڪ خاص ڳالهه عرض ڪريان: اڄ اُمَّتِ مسلمہ مجموعي طور تي زوال جو شڪار آهي، گهڻن هنڌن تي مسلمان ظلم سهي رهيا آهن، ان سڀني جو هڪ سبب موت سان نفرت بہ آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: جلد ئي قومون توهان تي ائين حملو ڪنديون، جيئن کائڻ واري ٿانوَ تي حملو ڪندا آهن، صحابہءِ ڪرام عليهم الرضوان پڇيو: يا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اسان ان وقت گهٽ هونداسين؟ فرمايائون: نہ، ان وقت توهان جو تعداد تمام گهڻو هوندو پر ان وقت 2 برائيون هونديون: (1) دنيا جي محبت (2) موت کان نفرت.[1]

اللّٰه! اللّٰه! اڄ مسلمان اربين جي تعداد ۾ آهن پر زوال پذير آهن، مظلوميت آهي، ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ اسان جي دلين ۾ دنيا جي محبت وڌي وئي، آخرت جو شوق گهٽجي ويو. حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي صدقي اللّٰه پاڪ اسان کي آخرت جو شوق نصيب فرمائي، ڪاش! اسان کي اللّٰه پاڪ جي محبت نصيب ٿي وڃي، ان ئي محبت ۾ جيئون، ان ئي محبت ۾ دنيا مان هليا وڃون.

---

[1]... ابو داؤد، كتاب الملاحم، باب فى تداعى الامم على اهل الاسلام، صفحه:675، حديث:4297۔

محبت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی! (1)

## رازدارِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خاصيتن مان هڪ خاصيت هي آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري زندگي مبارڪ ۾ سڀ کان آخري نصيحت جنهن کي فرمائي، اهي عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ آهن. روايتن ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ جڏهن مرض حاضر ٿيو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي گهرايو، پاڻ حاضر ٿيا، فرمايائون: عثمان! منهنجي ويجهو ٿي وڃ! پاڻ ويجهو ٿيا، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مٿو مبارڪ ان ڏانهن جهڪائي ڇڏيو، پوءِ رازداريءَ سان ڪجھ نصيحت ڪئي ۽ فرمايائون: اَفَهِمْتَ مَا قُلْتُ لَكَ؟ ڇا تون سمجهي وئين جيڪو مون توکي چيو؟ عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: جي ها! يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم (مان سمجهي ويو آهيان). پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ٻيهر ڪين رازداريءَ سان ڪجھ فرمايو، پوءِ پڇيائون: ڇا تون سمجهي وئين؟ عرض ڪيائون: جي ها! يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ٽيون ڀيرو بہ ائين ئي نصيحت فرمائي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي هڪ راز هو جيڪو رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ٻڌايو هو، پاڻ اهڙا پڪا رازدار هئا جو پاڻ ڪڏهن بہ ان راز تان پردو نہ کنيو.

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

[2]...مسند امام احمد، مسند عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عنہا، جلد:10، صفحہ:624، حديث:27023 خلاصۃً۔

## شهادت جو واقعو

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خلافت جو آخري سال هو، ڪجهه منافقن سندن خلاف سازش رچائي، نتيجي طور مصر جي ماڻهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خلاف بغاوت ڪري ڏني ۽ مديني پاڪ اچي سندن گهر مبارڪ جو گهيرو ڪري ورتو. هاڻي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اندر آهن، ڪين ٻاهر ٻه نڪرڻ نه پيو ڏنو وڃي، ٻاهر کان کاڌ پيئڻ جو ڪو سامان اندر وڃڻ نه پيو ڏنو وڃي، ڪيترا ئي ڏينهن پاڻ ائين ئي گذاري ڇڏيا! سندن چاهيندڙن طرفان بار بار عرض ڪيو ويندو رهيو ته سائين! حڪم ڏيو! اسان انهن باغين کي ڪجهه ئي دير ۾ هتان هٽائي ڇڏينداسين پر پاڻ جو هڪ ئي جواب هو: پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مون سان واعدو فرمايو آهي ۽ مان ان تي صبر ڪندو رهندس.[1]

## رت وهائڻ منظور نه فرمايائون

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي بي مثال صبر تان قربان...!! جامِ شهادت ته پي ورتو پر مديني منوره ۾ مسلمانن جو رت وهڻ پسند نه فرمايائون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي گهر مبارڪ جو محاصرو ٿيو ۽ پاڻي بند ڪيو ويو ◈ جان نثارن دولت خاني تي حاضر ٿي باغين سان مقابلي جي اجازت گهري پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اجازت ڏيڻ کان انڪار فرمائي ڇڏيو ۽ ◈ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا غلام هٿيارن سان ليس ٿي اجازت لاءِ حاضر ٿيا ته فرمايائون: جيڪڏهن توهان منهنجي خوشي چاهيو ٿا ته هٿيار کولي ڇڏيو ۽ ٻڌو! توهان مان جيڪو به غلام هٿيار کولي ڇڏيندو مون ان کي آزاد ڪيو. الله پاڪ جو

[1]...رياض النضرة، جز:3، الباب الثالث، الفصل الحادى عشر، ذكرعرض على وغيره ...الخ، صفحه:60 و 61 خلاصۃً۔

قسم! رت وھائڻ کان پھريان منھنجو شھيد ٿيڻ مون کي وڌيڪ محبوب آھي. منھنجي شھادت لکي وئي آھي ۽ رسولِ ذيشان، محبوبِ رحمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي ان جي خوشخبري ڏئي ڇڏي آھي. حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنھنجي غلامن کي فرمايو: جيڪڏھن توھان جنگ ڪئي تہ بہ منھنجي شھادت ٿي رھندي.[1]

جو دِل کو ضِیا دے جو مُقدّر کو جِلا دے | وہ جَلوۂ دِیدار ہے عثمانِ غنی کا(2)

**وضاحت:** حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اھي بلند مرتبي واري ھستي آھن، جن جي ديدار جي برڪت سان دل روشن ٿيندي ۽ قسمت چمڪي ويندي آھي.

## عثمانِ غني جي ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام سان مشابھت

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن مقام تي حضور داتا گنج بخش علي ھجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏو علمي نقطو بيان فرمايو آھي، لکن ٿا: ھن محاصري دوران ھڪ ڀيري حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْہُ وٽ تشريف کڻي آيا، عرض ڪيائون: اي امير المؤمنين! اجازت ڏيو! اسان انھن باغين کي انھن جي انجام تائين پھچايون. حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: اي ڀائٽيا! گھر وڃو! آرام ڪريو! تان جو تقدير جو لکيل غالب اچي وڃي، لَا حَاجَةَ لَنَا فِي اِهْرَاقِ الدِّمَاءِ اسان کي خون وھائڻ جي حاجت ناھي.

---

[1]...تحفہ اثنا عشرۃ، مطاعن عثمان رَضِیَ اللہُ عنہ، طعن دہم، صفحہ:327۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:81۔

داتا حضور هي روايت لکڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سيرتِ پاڪ جو هي پهلو تہ باغي گهيرو ڪيو وينا آهن، پاڻ کان مدد جي اجازت گهري وڃي ٿي، عرض ڪيو وڃي ٿو: اجازت ڏيو! اسان انهن باغين کي انجام تائين پهچائينداسين، پاڻ پوءِ بہ ڪو اقدام نٿا ڪن، تقدير تي راضي رهن ٿا، سندن سيرتِ پاڪ جو هي پهلو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام سان ڪمال مشابهت رکي ٿو، اهو وقت بہ هو جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام کي باھ ۾ اڇلايو پيو وڃي، جبرائيل عَلَيْهِ السَّلام حاضر ٿين ٿا، عرض ڪن ٿا: اي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام! ڪا حاجت هجي تہ ٻڌايو! فرمايائون: حاجت تہ آهي پر توهان کان ناهي، عرض ڪيائون: جنهن کان حاجت آهي ان کي ئي عرض ڪريو! فرمايائون: الله پاڪ جاڻي ٿو، منهنجي گهرڻ جي حاجت ناهي.

داتا حضور فرمائن ٿا: اهي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام هئا جيڪي تسليم ۽ رضا جي ايتري بلند مقام تي پهتل هئا، جبرائيل عَلَيْهِ السَّلام مدد لاءِ حاضر ٿين ٿا، پاڻ مدد نٿا وٺن، الله پاڪ جي لکيل تقدير تي راضي رهن ٿا، هيڏانهن حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ آهن، مشڪل آهي، پريشاني آهي، امتحان آهي، حضرت موليٰ علي، امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم مدد لاءِ اچن ٿا پر حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْہُ انهن جي مدد نٿا وٺن بلڪ الله پاڪ جي لکيل تقدير تي راضي رهي رهيا آهن.[1] حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو اهو ئي عظيم شان آهي جنهن کي بيان ڪندي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ

[1]...ڪشف المحجوب، صفحہ:86و87 خلاصتہً۔

هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّا نُشَبِّهُ عُثْمَانَ بِاَبِيْنَا اِبْرَاهِيْمَ بيشڪ اسان عثمان کي پنهنجي والد ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جي مشابهہ سمجهون ٿا.[1]

يعني حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي سيرت ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جي جهلڪ موجود آهي. سبحان الله! هي ڪيترو وڏو شان آهي...!!

| | |
|---|---|
| اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا |
| جس آئینہ میں نورِ الٰہی نظر آئے | وہ آئینہ رخسار ہے عثمانِ غنی کا(2) |

**وضاحت:** حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ الله پاڪ سان بي پناهہ محبت ڪندڙ، محبوبِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جا دوست ۽ صحابي آهن، سندن چهرو مبارڪ اهڙو روشن آهي جو ان ۾ نورِ اِلٰهيءَ جي چمڪ رهندي آهي.

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون 3 خاص وصفون

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مشائخِ طريقت يعني وڏن وڏن اولياءِ ڪرام (1) هديهءِ مال و جان (يعني الله پاڪ جي نالي تي جان قربان ڪرڻ) (2) تسليمِ امور (يعني الله پاڪ جي لکيل تقدير تي راضي ٿي وڃڻ) ۽ (3) اخلاص (يعني هميشہ رب جي رضا جو طلبگار رهڻ)، هي 3 خاص وصفون حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان سکيون آهن.[3]

[1]...مسند الفردوس، جلد:1، صفحہ:55، حديث:152۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:80و81 ملتقطًا۔

[3]... کشف المحجوب، صفحہ:87 بتغير قليل۔

جهڙي طرح پاڻ الله پاڪ جي راهه ۾، دين جي خدمت لاءِ، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيل واعدو نڀائڻ لاءِ صبر ڪيو آهي، جنهن ڪمال استقامت سان تقدير تي راضي رهيا آهن، هي پاڻ جو ئي خصوصي شان آهي.

## الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان لاءِ سبق آهي، ڏسو! ڪيتري مشڪل مرحلي ۾ ◈ 40 ڏينهن حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ محاصري ۾ گذاريا ◈ بک اُڃ برداشت فرمائي ◈ ان دوران به پاڻ روزا رکندا رهيا ◈ نهايت اطمينان سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا رهيا ◈ انتهائي مشڪلاتون ڪٽڻ باوجود خون وهائڻ تي راضي نه ٿيا بلڪ الله پاڪ جي رضا ۾ راضي ۽ صابر رهيا.

ڪاش! اسان کي به هي جذبو نصيب ٿي وڃي، افسوس! ◈اسان وٽ شور تمام گهڻو مچايو ويندو آهي ◈ بي صبري تمام گهڻي ڪئي ويندي آهي ◈ معاذ الله! الله پاڪ کان شڪايتون ڪيون وينديون آهن (استغفرالله! استغفرالله!)، اسان جون مشڪلاتون ڪهڙيون آهن؟ ◈ هڪ وقت جي ماني نه ملي ته اسان بي صبرا ٿي ويندا آهيون ◈ نوڪري ڇٽي وڃي ◈ ڪم بند ٿي وڃي ◈ ڪجهه ڏينهن آمدني بلڪل ختم نه پر بس ٿوري گهٽ ٿي ٿي وڃي ته اسان بي صبرا ٿي ويندا آهيون ◈ ٿورو مٿي ۾ سور ٿئي ته هاءِ گهوڙا شروع ٿي ويندو آهي ◈ ڪا بيماري اچي وڃي ته ناشڪري ڪرڻ لڳندا آهيون. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، ڪاش! اسان

کي تسليم ۽ رضا جي دولت نصيب ٿي وڃي، هر وقت، هر لمحي اللّٰه پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا بڻجي وڃون.

گو یہ بندہ نکما ہے بیکار، اس سے لے فضل سے رَبِّ غَفّار
کام وہ جس میں تیری رِضا ہے، یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے
میری بَک بَک کی عادَت مِٹا دے اور آنکھیں حیا سے جُھکا دے
صدقہ عثمان کا جو باحیا ہے، یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے(1)

## عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تي ڪرم

حضرت عبدُ اللّٰه بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته جن ڏينهن ۾ باغين حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي گهر مبارڪ جو محاصرو ڪيو هو، انهن جي گهر ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به وڃڻ نه ٿي ڏنو ويو ۽ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اُڃ جي شدت سان بيقرار رهندا هئا. مان ملاقات لاءِ حاضر ٿيس ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان ڏينهن روزيدار هئا. مون کي ڏسي فرمايائون: اي عبدُ اللّٰه بن سلام (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ)! مون اڄ رات مديني جي سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي هن روشندان ۾ ڏٺو، بي مثال نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم انتهائي محبت ڀري لهجي ۾ فرمايو: اي عثمان (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ)! انهن ماڻهن پاڻي بند ڪري توکي اُڃ سان بيقرار ڪري ڇڏيو آهي؟ مون عرض ڪيو: جي ها. ته فوراً ئي پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏول منهنجي طرف لٽڪائي ڇڏيو، جيڪو پاڻيءَ سان ڀريل هو، مون جيءُ ڀري پيتو، هن وقت به ان پاڻيءَ جي ٿڌاڻ پنهنجي

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:138و 139 ملتقطاً۔

سيني ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان. پوءِ حضور اڪرم، سراپا جود و ڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: جيڪڏهن تنهنجي خواهش هجي ته انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ تنهنجي امداد ڪريان ۽ جيڪڏهن تون چاهين ته اسان وٽ اچي روزو افطار ڪر! مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) جي خدمت ۾ حاضر ٿي روزو افطار ڪرڻ مون کي وڌيڪ عزيز آهي. حضرت عبدُ الله بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان ان کان پوءِ رخصت ٿي هليو آيس ۽ ان ئي ڏينهن باغين پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي شهيد ڪري ڇڏيو.[1]

اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪلام ۾ لکن ٿا:

رکھا مَحْصُور اُن کو بند ان پر کر دیا پانی
شہادت حضرتِ عثمان کی بے شک ہے لَاثانی(2)

## مدفن ۾ ملائڪن جو هجوم

روايت آهي ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو جنازو مبارڪ ڪجهه جان نثار رات جي اونداهيءَ ۾ کڻي جنتُ البقيع پهتا، اجا قبر شريف کوٽي رهيا هئا ته اوچتو سوارن جو هڪ تمام وڏو تعداد جنتُ البقيع ۾ داخل ٿيو، انهن کي ڏسي هي حضرات خوفزده ٿي ويا. سوارن بلند آواز سان چيو: توهان حضرات بلڪل نه ڊڄو اسان به سندن تدفين ۾ شرڪت لاءِ حاضر ٿيا آهيون. هي آواز ٻڌي ماڻهن جو خوف پري ٿي ويو ۽ اطمينان سان حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ

[1]…موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب المنامات، جلد:3، صفحہ:74، حدیث:109۔
[2]…وسائل، بخشش، صفحہ:584۔

عَنۡهُ جي تدفين ڪئي وئي. قبرستان کان موٽي انهن صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانۡ قسم کڻي ماڻهن کي چيو ته يقيناً هي ملائڪن جو گروهه هو.[1]

رُک جائیں مِرے کام حسنؔ ہو نہیں سکتا | فیضان مدد گار ہے عثمانِ غنی کا(2)

## گستاخ جو عبرتناڪ انجام

حضرت ابوقلابه رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ بيان ڪن ٿا: مان هڪ ڀيري ملڪِ شام ۾ هئس، هڪ ڏينهن مون هڪ آواز ٻڌو، ڪو پڪاري رهيو هو: هائي افسوس! منهنجي لاءِ جهنم آهي، هائي افسوس! منهنجي لاءِ جهنم آهي، مون کي تعجب ٿيو ته آخر هي ڪير آهي؟ جيڪو ايتري يقين سان چئي رهيو آهي ته منهنجي لاءِ جهنم آهي. فرمائن ٿا: جنهن طرف کان آواز اچي رهيو هو، مان اُتي ان طرف ويس، اتي مون هڪ حيران ڪري ڇڏيندڙ منظر ڏٺو: هڪ شخص آهي، جنهن جا ٻئي هٿ به ڪٽيل آهن، ٻئي پير به ڪٽيل آهن، ٻنهي اکين کان انڌو به آهي ۽ منهن ڀر زمين تي اونڌو پيو آهي ۽ بار بار اهو ئي چئي رهيو آهي: هائي افسوس! منهنجي لاءِ جهنم آهي، هائي افسوس! منهنجي لاءِ جهنم آهي

مون ان کان پڇيو: اي شخص! تون ائين ڇو ۽ ڪهڙي وجهه سان چئي رهيو آهين؟ اهو پراسرار شخص چوڻ لڳو: اي پڇڻ وارا! منهنجو حال نه پڇ...!! افسوس! مان انهن بدنصيبن مان آهيان، جيڪي مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي شهيد ڪرڻ لاءِ سندن گهر مبارڪ

[1]...شواہد النبوة (مترجم)، صفحہ:276۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:81۔

۾ داخل ٿيا هئا، مان جڏهن تلوار کڻي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ويجهو پهتس تہ سندن زوجہ محترمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا مون کي زور زور سان دڙڪا ڏيڻ لڳي، ان جي دڙڪن جو آواز ٻڌي مون کي ڪاوڙ آئي، مون ڪاوڙ ۾ بي بي صاحبہ کي معاذ الله! چماٽَ هڻي ڪڍي، جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هي منظر ڏٺو تہ پاڻ منهنجي خلاف 4 دعائون ڪيون: (1) پاڻ فرمايائون: الله پاڪ تنهنجا ٻئي هٿ (2) ٻئي پير ڪٽي (3) توکي انڌو ڪري ۽ (4) توکي جهنم ۾ وجهي. اميرُ المؤمنين جو پرجلال چهرو ڏسي ۽ انهن جي هي دعا ٻڌي منهنجي بدن جو هڪ هڪ وار ڪانڊارجي ويو ۽ مان خوف کان ڏڪندو اتان ڀڄي نڪتس. افسوس! اميرُ المؤمنين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي 4 دعائن مان 3 جي زد ۾ تہ اچي چڪو آهيان، تون ڏسي ئي رهيو آهين، منهنجا ٻئي هٿ بہ ڪٽجي چڪا آهن، منهنجا ٻئي پير بہ ڪٽجي چڪا آهن ۽ اکين جي بينائي بہ وڃي چڪي آهي، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! هاڻي صرف چوٿين دعا باقي آهي (يعني منهنجو جهنم ۾ داخل ٿيڻ باقي رهجي ويو آهي).[1] ٻڌو اميرِ اهلِ سنت ڇا ٿا فرمائن:

خدا بھی اور نبی بھی، خود علی بھی، اس سے ہیں ناراض
عَدُو اُن کا اُٹھائے گا قیامت میں پریشانی

عَداوت اور کینہ اُن سے جو رکھتا ہے سینے میں
وہی بدبخت ہے، مَلعُون ہے، مَردُود شیطانی

[1]...الرياض النضرة، الجزء الثالث فى مناقب عثمان بن عفان، صفحہ:37۔

ہم اُن کی یاد کی دُھومیں مچائیں گے قیامت تک
پڑے ہو جائیں جل کر خاک سب اَعدائے عثمانی(1)

**وضاحت:** ◈ جيڪو بدبخت حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو دشمن آهي، ان کان الله پاڪ بہ ناراض آهي، ان جا محبوب نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم بہ ناراض آهن، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ ناراض آهن ◈ اهڙو جيڪو بدبخت آهي اهو قيامت جي ڏينهن سخت پريشانيءَ ۾ پئجي ويندو ◈ جنهن جي سيني ۾ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي دشمني هجي، اهو شخص لعنتي آهي ◈ رحمت کان تڙيل آهي ◈ شيطاني عادت وارو آهي ◈ اسان عاشقانِ صحابہؑ و اهلبيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم تہ قيامت تائين انهن جي عظمتن جون ڌومون مچائينداسين چاهي دشمنانِ عثمان سڙي خاڪ ٿي وڃن.

الله پاڪ اسان کي صحابہؑ ۽ اهلبيت جي سچي پڪي محبت نصيب فرمائي، انهن پاڪ هستين جي گستاخي ۽ بي ادبيءَ کان محفوظ فرمائي، ڪاش! عشقِ مصطفيٰ، محبتِ آلِ مصطفيٰ، محبتِ صحابہؑ ۽ اولياء ۾ جيئڻ، ان ئي محبت سان قبر ۾ لهڻ، پوءِ ان ئي محبت سان قيامت جي ڏينهن اٿڻ نصيب ٿي وڃي.

| | |
|---|---|
| آل و اَصْحابِ نبی سب بادشہ ہیں، بادشاہ | میں فقط ادنیٰ گدا اَصْحاب و اَہْلِ بیت کا |
| فضلِ رَبّ سے دوجہاں میں کامیابی پائے گا | دِل سے جو شیدا ہوا اَصْحاب و اَہْلِ بیت کا |

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:584و 585۔

| | |
|---|---|
| جینا مرنا اُن کی اُلفت میں ہو یارَبّ! اور ہو | قربِ جنّت میں عطا اَصحاب و اَہلِ بیت کا |
| یاالٰہی! شکریہ عطّاؔر کو تُو نے کیا | شعر گو، مدحت سرا اَصحاب و اَہلِ بیت کا |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## يومِ عثمانِ غني ملهايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! 18 ذوالحج تي مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو يومِ شهادت هوندو آهي، گهر ۾، آفيس ۾، دڪان تي جتي ٿي سگهي، سندن ياد ملهايو! سندن ايصالِ ثواب لاءِ فاتحه شريف ڏياريو! شيريني وغيره تقسيم ڪريو! واهه نصيب! سندن ايصالِ ثواب لاءِ مختصر ئي سهي محفل ڪرائي وٺو! گهر ۾ به اهتمام ڪريو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جو رسالو آهي: "ڪراماتِ عثمانِ غني" سيني گهر وارن کي گڏ ڪري هي رسالو پڙهي ٻڌايو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ پنهنجي پيارن جي صدقي اسان کي نيڪ بڻائي ۽ اسان سڀ نيڪين جا پابند بڻجون ۽ ٻين کي نيڪين ڏانهن آڻڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان ڪي پچاڻيءَ ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** جنهن واجب قرباني نہ ڪئي، هاڻي اهو صدقو ڪري.

**وضاحت:** جيڪڏهن قرباني واجب هجڻ باوجود قرباني نہ ڪئي ۽ قرباني جا ڏينهن گذري ويا تہ هاڻي قرباني نٿي ڪري سگهجي. هاڻي ڇا ڪرڻو آهي؟ ان جون ٻہ صورتون آهن: (1) جيڪڏهن جانور خريد ڪري چڪا هئا، هاڻي واجب آهي تہ ان ئي جانور کي ذبح ڪرڻ کانسواءِ زنده ئي صدقو ڪري ڇڏيو! (2) ۽ جيڪڏهن جانور خريد نہ ڪيو هو، هاڻي جانور جي قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَانَافِعُ (اي نفعو ڏيندڙ)

جيڪو ڪنهن ڪم کي شروع ڪرڻ کان پهرين يَانَافِعُ 20 ڀيرا پڙهي وٺي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اهو ڪم ان جي مرضيءَ مطابق ٿيندو.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

[1]…دارالافتاء اہل سنت، فتوی نمبر: Web-99۔

[2]…مدنی پنج سورہ، صفحہ: 258۔